SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1977

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1977

# آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1977

# THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1977

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1878 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 56 جي ترميم
Amendment of section 56 of Sindh Act V of 1878

ڏوهن جو ازالو
Cognizance of offences

3. 1940 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعہ 22 جي ترميم
Amendment of section 22 of Sindh Act IV of 1940

ڏوهن جو ازالو
Cognizance of offences

4. 1960 جي ڊبليو پي سنڌ آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of W.P Ordinance II of 1960

ڏوهن جو ازالو

Cognizance of offences

5. كيسن جي منتقلي

Transfer of Cases

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1977

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1977

# آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1977

# THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1977

[8 فيبروري 1977]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878، سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ 1940ع اولهہ پاڪستان آفيم واپرائڻ تي پابندي آرڊيننس، 1960ع ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878، سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ 1940ع اولهہ پاڪستان آفيم واپرائڻ تي پابندي آرڊيننس، 1960ع ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي جيئن تہ صوبائي اسيمبلي سنڌ جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ فوري طور قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت سونپيل اختيارن کي

| | |
|---|---|
| استعمال ڪندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي: | |
| 1.(1) هن آرڊيننس کي آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1977 سڏيو ويندو.<br>(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2.سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878 جي دفعہ 56 لاءِ هيٺ ڏنل کي تبديل ڪيو ويندو. | 1878 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 56 جي ترميم<br>Amendment of section 56 of Sindh Act V of 1878 |
| "56.هن ايڪٽ جي تحت سزا جي لائق ڏوهہ جو ڪيس فرسٽ ڪلاس جي مجسٽريٽ جي عدالت کانسواءِ ڪنهن بہ عدالت جي ذريعي نہ هلايو ويندو. | ڏوهن جو ازالو<br>Cognizance of offences |
| 3.سنڌ نشيدار شيون واپرائڻ تي پابندي ايڪٽ، 1940 جي دفعہ 22 جي لاءِ هيٺ ڏنل کي تبديل ڪيو ويندو. | 1940 جي سنڌ ايڪٽ نمبر IV جي دفعہ 22 جي ترميم<br>Amendment of section 22 of Sindh Act IV of |

| | |
|---|---|
| | 1940 |
| “22.(1)هن ايڪٽ تحت سزا جوڳو هڪ ڏوهه قابل قبول هوندو.<br>(2)هن ايڪٽ تحت سزا جوڳو ڪنهن به ڏوهه جو ڪيس فرسٽ ڪلاس جي مجسٽريٽ جي عدالت کان علاوه ڪنهن ٻي عدالت جي ذريعي نه هلايو ويندو. | ڏوهن جو ازالو<br>Cognizance of offences |
| 4.اولهه پاڪستان ۾ آفيم تمباڪونوشي جي پابندي آرڊيننس، 1960، جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿئي ٿو دفعه 16 جي لاءِ هيٺ ڏنل متبادل هوندو: | 1960 جي ڊبليو پي سنڌ آرڊيننس نمبر II جي دفعه 16 جي ترميم<br>Amendment of section 16 of W.P Ordinance II of 1960 |
| “16.هن آرڊيننس تحت سزا جوڳو ڪنهن ڏوهه جو ڪيس فرسٽ مجسٽريٽ جي عدالت کان علاوه ڪنهن ٻي عدالت جي ذريعي نه هلايو ويندو. | ڏوهن جو ازالو<br>Cognizance of offences |
| 5.سنڌ آبڪاري قانون ايڪٽ، 1878 سنڌ جي نشي جي استعمال تي پابندي ايڪٽ، 1940 ۽ اولهه پاڪستان آفيم واپرائڻ تي پابندي آرڊيننس، 1960 جي تحت سزا جي لائق ڏوهن سان لاڳاپيل سمورا ڪيس، جيئن ته سنڌ صوبي تي | ڪيسن جي منتقلي<br>Transfer of Cases |

لاڳو آهن ۽ عدالتن ۾ التوي هيٺ آهن. آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ سيشنز، سواءِ انهن ڪيسن جي، جيڪي دليلن يا فيصلي جي لاءِ مقرر ڪيا ويا هجن. اهڙن ڪيسن ۾ عدالتي اختيار رکندڙ فرسٽ ڪلاس جي مجسٽريٽ جي عدالتن ۾ منتقل ڪيا ويندا.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**